اُمنگون

(شاعري)



سيد نياز علي شاھ "محسن ڪڪڙائي"

سورهہ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان سورهہ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488



”آهلگون“ جو مصنف :—

سيد نياز علي شاھ ”محسن“

ڪڙائي

"آهنگون" جو ناشر :-

مسٽر جمع خان صاحب شيخ

مالڪ :- "ناز ٽاڪيز"

ميرپور ٿرو شاهه

هڪ خيال

از قلم:- جناب محمد علي صاحب "عيان"
ڊاگون پوٽر ايم - اي - بي - ٽي
دادو

ادب هڪ آئينو آهي جنهن ۾ اسين هر قوم ۽
ملڪ جي ماضيءَ جي تهذيب ۽ تمدن، فعل ۽ قول
عروج ۽ زوال جون تصويرون ڏسي سگهون جي حال
جي حالتن سان ڀيٽي مستقبل لاءِ مشعل راهه بڻايون
ٿا. جيڪڏهن اسان ۾ اها صلاحيت نه آهي ته خالي
گذريل قصا ۽ ڪهاڻيون، شعر ۽ سخن سمجهڻ ۽
سالڪ بي معني ۽ بي مطلب آهن. علم ادب جو
هر جز هر ڪنهن قوم ۽ ملڪ لاءِ اهم آهي، جنهن
جسم لاءِ روح. روح جو ڪامل ۽ ناقص آهي، صاف ۽ ستهرو
عيوض حافظ ۽ صبر آهي پاڪ ۽ روشن عيوض
۽ ٻوٽا ان سان ڀر آهي، ته اهو بيڪار؛
۽ جستي ۽ چالاڪيءَ عيوض سستي ۽
آڻيندو. ان سان ڀلائيءَ عيوض برا
هراڻ بدي پلئه پوندي توه اهه،

۽ وسعت بدران ڏاهپ ۽ دانش آڻي ٿو. جنهن

۾ هن لاءِ هڪ جهڙا آهن. ليڪن اهو ادب

جو سڄي قوم کي سمجهائي، حڪمت کي اڳڀرو ڪري

سان اُڀاري ٿو. جنهن جي اثر تي ڀلاري ٿو.

سربلندي ۽ سرفرازي، حڪمت ۽ هدايت جهڙي

وات ولائي، حڪومت ۽ دولت، خوشي ۽

شادماني جي منزل تي پهچائي ٿو ته اهو ادب

واقعي قوم جو مشعل راهه ۽ هادي آهي. اهو

ادب، جو ڪنهن جي مڪمل روح کي ولولو ۽ هٿي

صاف ۽ سرسبز ڪري ٿو. جنهن جو مثال مدائن جي

محل کي ڏولي مضبوط پڪو ۽ چمڪو آڻي ٿو.

جنهن جي جرڪ ۽ چمڪ جو مٿو ٻري ڏور ٿئي. ا

اهو ادب قوم جي امانت آهي، اڪثر جو پيار

۽ دل جي خوشي آهي. ان کي موڙڻ، ڪل ڪري

جو مقابلو ۽ سڌارڻ قوم جي هر فرد جو فرض آهي.

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته ادب قوم جو روح

۽ جي ... لي جسم جو مدار آهي. ان

مرزا آهن جن جي ... ۽ حرڪت لاءِ

ستي ۽ ... مضطر آهي ليڪن

... مرزا آهن، جن جي ...

۽ پختگي، سلاست ۽ جدت، رس ۽ رچاءُ سان
حاصل ڪري قوم پنهنجي لاءِ نئون ۽ نئون مطلب
پائي سگهي ٿي. شعر جي چڱائي ۽ برائي لئي
رهبري لاءِ مونکي نبي صلعم جي حديث ياد اچي
ٿي جنهن ۾ فرمايو اٿن ته "خدا جي عرش هيٺان
خزانا آهن. جن جون ڪنجيون شاعرن جون زبانون
آهن" ان بعد فارسيءَ جو قطعو دل تي اچي ٿو ته
"شاعري جزويست از پيغمبري" يعني اهو شعر
جو شاعر جي زبان آهي ۽ الاهي خزانن جي ڪنجي
۽ پيغمبري جو جزو آهي انهن کي چڱو لڳي
ٿيو. سچو ۽ سچو شعر اهو آهي جو قوم جي
رسمن، رواجن ۽ ماحول مطابق هجي. عام فهم ۽
عوام جي ٻوليءَ ۾ هجي جو عوام جي جذبن ۽
امنگن کي اڀاري، دين ۽ دنيوي ترقيءَ جي
معراج تي پهچائي. ۽ اندر جي اجالي کان سواءِ
ماڳي مادي ترقي به بيڪار ۽ بي سود آهي. سنڌي
جي شعر کي تاريخي نقطه نگاه سان ڏسبو ته مٿس
وقت بوقت ماحول، ٻولي ۽ حاڪمن جو اثر پيل
پيو آهي. سنڌي کي هيڏو وڌائي، پر شاه لطيف
۽ سندس وقت جي شاعرن ڳائي سنڌ جي لها

کي زندهه رکيو آهي، انهن لئي سنسڪرت جي
ڏوهن جو ڪافي اثر آهي. سنسڪرت جو شعر،
جو ڇند وديا ماترائن تي ٻڌل آهي، ان جو اسان جي
قديم شعر تي ڪافي اثر آهي ۽ اهو شعر ان
اصول تي اڄ تائين رائج رهيو آهي، جيئن اڄ عربي
۽ ايراني شاعرن جي شعر جي اقالي علم عروض
جي پابندين هيٺ ڪئي ٿي وڃي. مان انهي ضرور
چوندس ته شعر ماحول جو محتاج آهي، هر وقت
جي ماحول کان اثر پذير ٿئي ٿو مگر شاعر جو فرض
آهي ته ان ماحول کي سمجهي اهڙي ۽ جديد بـ
ـيان مثالي پيش ڪري ۽ هدايت ڏانهن وڪي. نبي
صاحب کان اڳ جي عربي شعر ۽ اسلام جي انقلاب
اچڻ کان پوءِ واري شعر ۾ رات ڏينهن جو تفاوت
نظر ايندو. جاهلي عربن جي جهالت جا پردا چيري
ڇا ته اسلامي شاعرن سندهن اهڙا ته اهڃاڻ آندا
جو انهن جي اڳيان قيصر و ڪسريٰ جهڙيون عظيم
الشان سلطنتون به جهڪنديون رهيون ۽ عمر جهڙا
حضرت جو عرفي ڪندو نظر آيو، ته سچ به باب السلام
رهي. انهن جڳهن سکيو ته شاعر جهڙي جي
انهاليءَ سان، صحت عمليءَ سان، سچ

ڳرائيءَ سان ڏوهه آڻي مستي ۽ شراب جو رسڪ به
چاڙهي سگهي ٿو ته ڏوهه ۾ مرده مجاهد، شعر ٻڌي به
پيدا ڪري سگهي ٿو. مختصر مختصر لفظن ڪان
پوءِ عرض ڪندس ته عزيز امام علي شاه "محسن"
جو ڪتاب "امڪون" منهن جي نظر مان گذريو
ڪتاب کي علم، ادب، ۽ شعر و شاعريءَ تي
ڪمال تمري سان پڙهيو ته ڪتاب ۾ ڳالهائيندو
ڏ ان ۾ ڪمتر و استعداد سمايل آهي- هي هڪ
نوجوان شاعر جو "امڪون" آهي. احساس
آهن، جذبا آهن. سندس دل جي ترجماني آهي.
منجهس ڪٿي جدت ۽ اوچو تخيل نظر اچي ٿو.
آءٌ نه اديب و اديب آهيان ۽ نه عروضي شاعر، جو
ڪتاب جي گهرائيءَ ۾ وڃي مالڪ هوندي ڏسان
يا ڪسوٽيءَ تي چڙهي، پوري پرک ڪريان. مگر
ڄاڻي معلومات ۽ اهڙي چاڻ جي آڌار تي
ضرور چوندس ته شاعر پنهنجي امنگ ۽ فڪر کي
نماهڻ ۾ ڄڻڪي مستحق آهي جنهن لاءِ سندس
قدر ڪرڻ واجب آهي.

العبد

٢٧- اپريل ١٩٦٣ع

جناب محمد علي

داڳون پوٽو "عيان"

حرف - تشڪر

ڪهاڻيءَ لاءِ ٿورائتو آهيان پنهنجي استاد محترم
قبلا جناب محمد علي صاحب ”ميمڻ“ داؤد پوٽا،
وائيس پرنسپال ٽريننگ ڪاليج دادو جو، جن
”هڪ خيال“ لکي ڏيڻ سان منهنجي همت افزائي
فرمائي. ”امڪون“ جي افاديت ۾ اضافو آندو
آهي - جزاهم الله احسن الجزاء.

خلوص مان:-
”محسن“ ڪڪڙائي

انتساب

پنهنجي حريفن جي نالي ......

جن جون

”مهربانيون“

وسرڻ

جون

نه

آهن.

خلوص مان:

ڊاڪٽر ”محسن“ ڪڪڙائي

Soorih Mirani

ٻه ـ ڏي لفظ

از قلم:- حضرت احمد خان صاحب "آصف" مصراڻي (اديب فاضل)

★ 'آهنگون' محترمي لعل داسي شاه "محسن" صاحب جي تازه ترين امنگن جو مفيد مجموعو آهي.

★ 'آهنگون' ۾ شاعر پنهنجي امنگن کي شعر جو لباس پهرائي "ادب براءِ زندگي" کي ظهور پذير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

★ 'آهنگون' ۾ حساس دل شاعر محسوسات کي اهڙي نموني سان پيش ڪيو آهي، جو هر ڪنهن کي احساس ۽ اثر ٿئي ٿو.

★ 'آهنگون' ۾ آيل اشعار گهڻي ڀاڱي اڳ ۾ ئي شايع ٿي چڪا آهن، مگر هڙي لوني هڪ هنڌ گڏ ٿي، سلڪ مرواريد بڻجي پيا آهن، جن جو قدر ۽ قيمت ڪٿڻ کان گهڻو مٿي آهي.

★ 'آهنگون' جو مصنف نه رڳو منهنجي، مگر سڀني اهل علم و قلم حضرات جي مبارڪن جو مستحق آهي. والسلام.

احمد خان "آصف"
اديب فاضل

مٺو ڪوٽ
٢٣-٢-١٩٦٢ع
٣ بجه شام

ناشر جو تعارف

ازقلم:- محترمي سيد علي مرتضيٰ شاه صاحب ناٿاڻي

نالو:- جمع خان. والد جو نالو:- محمد پريل خان

ذات:- شيخ

وطن گوٺ:- خير پور ناٿن شاه (ضلع دادو)

جنم جي تاريخ:- ۴ اپريل ۱۹۳۲ع.

ننڍڙو جمع خان ۱۹۴۰ع کان اسڪول ۾، خير پور ناٿن شاه ۾ ابتدائي تعليم لاءِ ڇنڊيو ويو جتي چار درجا انگريزي ۾ پاس ڪري ورتائين. ان کانپوءِ خيرپور ۾ انگريزي تعليم جو پورو انتظام نه هجڻ ڪري ۴۸-۴۹ع ۾ ميهڙ ۽ ۵۰-۵۱ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ تعليم وٺندو رهيو جتي ڪ ۱۹۵۱ع ۾ (حيدرآباد سينٽر مان) نهايت سٺي نموني ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين. مارچ ۵۱ع کان خيرپور ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ پالها خان صاحب جي رفاقت سان ڪتابن جو دوڪان کوليائين، مگر اڳتي هلي مصروفيتن جي وڌي وڃڻ ڪري اهو دوڪان بند ڪرائڻو پيس. وري اپريل ۵۳ع ۾ خير پور ناٿن شاه ۾ سينيما جو بنياد وڌائين ۽ انهي پنهنجي فرزند ارجمند نثار احمد جي نالي جي نسبت "نثار ٽاڪيز" نالو

رکيا ڳين جا اڄ تائين قائم آهن. ساڳئي ئي سال
(۵۲ع) نوٽيفائيڊ ايريا خيرپور ناٿن شاهه جي ميمبري
لاءِ اميدوار بيٺو. ان ۾ نهايت شاندار نموني ڪامياب
ٿيو ۽ سندس حسن برتاءَ ۽ قومي درد ڏسي. ڪمس
۵۳ع کان نوٽيفائيڊ ايريا جو چيئرمين چونڊيو ويو،
ليڪن جڏهن ته ۱۹۵۸ع ۾ مارشل لا نافذ ٿيڻ ڪري
نوٽيفائيڊ ايريا جو نظام ختم ڪيو ويو هو، تنهن
ڪري ڪيس پنهنجي ذاتي ڪاروبار ڏانهن وڌيڪ
توجهه ڏيڻو پيو. وري ۱۹۵۹ع ۾ بنيادي جمهوريت
جي اليڪشن ۾ بيهرو ورتائين ۽ ڪامياب ٿيو. هن
دفعي به پنهنجي پل مالسائيءَ ڪري (مارچ ۶۰ ۾)
ٽائون ڪميٽي خيرپور ناٿن شاهه جو چيئرمين منتخب
ڪيو ويو ۽ ڪميٽيءَ جي تاوقت خدمت ڪندو
ٿو رهي ٽائون ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي پوزيشن
۾ آفيس ٽائون ڪميٽي، ٻيڪ جي مرمت، آفيس لسڪ
مسجد شريف جي تعمير. کوهي، گوشت مارڪيٽ
جي پاروسه وغيره اهي اهڃاڻ ڪم آهن: هڪي
مسٽر جمع خان جي سچي خادم هجڻ جي ساک ڀرن ٿا.
اچو ته تصوير جي ٻئي رخ ڏي —
مسٽر جمع خان جهڙو آهي ظاهري شڪل و صورت:
جو مور ۽ ملوڪ: تهڙوئي آهي اخلاق ۾ اوچو.

جهڙي طرح ٻاهر جو آهي خوشائي خوشادگي :
تهڙي طرح آهي اندر جو اڇو ۽ اجرو، نوجوان،
بردبار، مرڪڻو - سدائين مرڪ منهن تي جنهن ڪري
محبوب ٿيو اٿئي. هن نفسانفسي جي دور ۾ هر ڪو
پنهنجي ۾ پورو آهي، پر ڪنهن ڪن لاءِ مسٽر جمع خان
کي اهي نفسانفسي کان پري رکون ٿا. چار پٽ به
آهن. هينئر سارو ڪاروبار (راڪس فيڪٽري)
نثار ڪاڪر جو انتظام، ڪجهه مقاطع آهن، ڪجهه
ٺيڪا تي، چئني ڀائرن جي ٻوزڻن ۾ شهر جو انتظام
رکڻ، الڳ ڪم ڪرڻ وارو ٿيو ڪو به ڪو نه (سندس
والد صاحب چاچا سيٺ محمد پريل خان ۽ لنيڊو پيءُ
مسٽر پالهان خان به وڏ ۾ وڏ ڪيس ڪاروبار جي
نگهداشت ۾ مدد ڏيندي رهيا آهن) ۽ ڪمال اهو جو
ايتري دولت جي ڏيکار هوندي به مجال آهي جو
مٿس ڪي ڪا مغروري ڏسجي. ڏاڍو ايترو پر ايجا ۽ ڪا
وک اڳتي وڌون ٿا سندس ادبي ذوق جو ان
کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مثال ڏجي جو "امڪون"
پنهنجي خرچ سان ڇپائي هڪ ادبي جي همت
افزائي ڪري رهيو آهي، سندس کي خاص
شعر ڪلاسن سان ڪافي پيار ٿي شاهه ۾ ۲ - ۳ مصراع
ياد ڪار ڪي ڪئي آهن - پهرئين جهڙي ڏاهر دوست

۽ قومي سڌار سڪڻ تي بقول جناب حافظ احسن ع
جي "جا ھت ٿين خادم آهي ماٺو ڳاي مرڪي"
خير محمد ناٿن شاھ جي همرڏي شعور فرد کي انا ۽
آهي ۽ اسان هن مخلص نوجوان ۾ قومي ڀلائي جون
وڏيون اميدون رکندي دعا طور چچا غالب
جي زباني عرض ڪندا آهيون

تم سلامت رهو هزار برس
هر برس کي هون دن پچاس هزار

والسلام

خاڪسار

علي مرتضيٰ ناٿاڻي

۲۷ رمضان المبارڪ ۱۳۸۱
مطابق ۵ مارچ ۱۹۶۲ع
بروز سومر
خير محمد ناٿن شاھ .

گذارش

(۱) مضمون —

"جهڙو حال جهان آهڙو بهشت برئان"

بس — اِن کان وڌيڪ ڇا چوان — الله جو شڪر ته منهنجي
هي ادنيٰ ڪوشش منهنجي مٺڙي سنڌي زبان جي
علم و ادب کي ڪجهه ڏيئي وڃي .
امنگون، جو مسوده ڪافي وقت کان تيار ٿيو
ڏئي رکيو هوم پر حالتن جي ناسازگاريءَ
سبب شايع نه ڪري سگهيس . مولي ! الله آهي
ڪنهن جي محنت اجائي نه ويندي آهي — منهنجي
ڪرم فرما محترم جمع خان صاحب شمع امنگون کي
شايع ڪرڻ جي ازخود آڇ ڪئي . سندس وڏي
مهرباني الهي ادب نوازي لاءِ مان سندس شڪر
گذار آهيان — چند دوستن صلاح ڏني ته امنگون
جي ناشر جي مختصر سوانح حيات به 'امنگون' ۾
ڏجي ، اهو ڪم محترمي سيد علي مرتضيٰ شاهه
صاحب تي رکيو ويو جنهن صاحب "ناشر جو تعارف"
لکي ڏنو ان لاءِ شاهه صاحب جو به ٿورائتو
آهيان — حضرت احمد خان صاحب "آصف"
ٺٽائي جي وڏي مهرباني جو بي ... لکي ڏيڻ

فرمايا آهن - محترمي "تاج" بلوچ صاحب جا بہ
لک ٿورا جن وقت اندر قطع تاريخ ارسال ڪري
فرمايائون

امڪون لکڻ لاءِ محبي محمد صالح لکي ۽ رئيس
محمد مريد صاحب "مريد" جو ٿورائتو همت ڏياري.
نہ تہ مولکي في الحال امڪون لکڻ جو ارادو ڪون
هو - هر حال ڪور مهربان دوستن جي راءِ اڳيان سر
تسليم خم ڪرڻو پيو - ۽ امڪون ۾ ميدان ۾ اچي
ويو ۾

"جو ڪجهه ڏنم ، خلوص منجهان ٿي ڏنو اٿم"
شال قبول پوي - والسلام

١١ مارچ ١٩٦٢ خاڪسار

ڪراچي — سيد "محسن" ڪڪڙائي

غزل

جن جا دل، درد آشنا ناهي
همنشين! سا تہ چيز ڪا ناهي

تنهنجي دنيا ۾ هون ٿي تہ سڀ ڪجهہ آهي،
پر، نہ آهي، تہ هڪ وفا ناهي!!

حسرت و ياس ۽ غم و اندوه،
منهنجي دنيا ۾ ڏس تہ ڇا ناهي

ڪو چوي، مست ڪو چوي مجنون،
پر چون، مونکي ڪا گلا ناهي.

هيا، سليقو هجي گذارڻ جو،
زندگي لطف او مزا! ناهي.

اي خيال - حبيب! زنده باد،
تنهنجي موجودگي بہ ڇا ناهي

تون چوين ٿو تہ خير، تنهن جي دل،
تنهنجو "محسن" بہ بيوفا ناهي.

★

هي خزان ۽ هي بهار ۽ ڇا معنيٰ؟
دوستو! گل ۽ خار، ڇا معنيٰ؟

بزدليءَ جو لڳا ٿيون طعنو،
زندگيءَ کان فرار ڇا معنيٰ؟

ڪنهن ٻه اهڙو لهوءَ لا هڻ ڏنو،
آستان هر هر لتاڙ، ڇا معنيٰ؟

جيڪو ايندو سو ڏون ٻه ڏهن ايندو.
انتظار انتظار، ڇا معنيٰ؟

يار ان کي ڪجي جو وسري وڃي،
ذڪر و اذڪار - يار ڇا معنيٰ؟

هود فرض آون، ٻه مان ٻه سڀ ڪوڙي
هي محبت هي پيار ڇا معنيٰ؟

ڇا، خوشي تو طلب ڪرين "محسن"؟
تنهنجو غم سان پيار، ڇا معنيٰ؟

★

★

زندگيءَ ۾ سرور ئي ڪونهي،
غم ڪرڻ جو ضرور ئي ڪونهي

هر ڪو دم ٿو ڏنا جو دوس ڏکي
پر انسان کي شعور ئي ڪونهي

آهي چهرو — ضمير جا آئينا،
ورنه دلبر ۾ دور ئي ڪونهي

زخم دل آهي ٿي جو ناسور
ڪنهن ڪري ان ۾ سور ئي ڪونهي

دل کان مجبور آهي سڀ ڪوئي
ان ۾ ڪنهن جو قصور ئي ڪونهي

او تي "محسن" کي ناز ئي آهي
او مٿا! هڪ غرور ئي ڪونهي

★

★

چو طرف ياس ۽ حرمان، ائين ڇو آهي
يعني نقصان تي نقصان، ائين ڇو آهي

زهد، تقوو، عبادت بہ، رڳو مصنوعي،
ڪو بہ اهم مسلمان ائين ڇو آهي ؟

منتشر ذهن، هر انسان خوشي کان محروم،
منهنجي ماحول جو انسان، ائين ڇو آهي؟

منهنجي نا ڪام محبت تي کلڻ وارا دوست
حسن کان پڇ تہ پشيمان ائين ڇو آهي؟

هر تصنع کان نفري، مڪر و ريا کان عاري
منهنجو دهقان تي ايمان ائين ڇو آهي

تنهنجو "محسن" تہ هر انسان هميشہ آهي
پر خمر لاهي هر انسان ائين ڇو آهي ؟

★

ذره ذره سان پيار ڪرڻ ميان،
هي روش اختيار ڪرڻ ميان.

ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جو،
عمر ڀر انتظار ڪرڻ ميان.

هر قدم، هر نفس، الم انگيز،
هر ان جو شمار ڪرڻ ميان.

زندگي خود وڏي عبادت آهي،
واعظا! اعتبار ڪرڻ ميان.

اهل دانش کي پنهنجي نفس سان،
بي ڪل و بيقرار ڪرڻ ميان

هر ڪلا و مڪا جي لاءِ اي "محسن"
حالتون سازگار ڪرڻ ميان.

طاقت مدافعت جي اجا ڪي سالب* نه آهي
تنهنجو ليار مند مٿا بي ادب لسي آهي.

مولتي هئي اڳي جا نظر تنهنجي، هاڻ ناهي،
اڄ يا سيان اِها نه وڃي ڪو عجب نه آهي.

توڪان سوا اسان جي گهڙي ٻي لنگهي سري،
تنهنجو اِهو غرور سڄڻ بي سبب نه آهي.

صادق طلب هجي ۽ اثر ڪان پري هجي!
ڇڄو ته ان طلب ۾ اڃا ڪا طلب نه آهي.

تنهنجي خيال ڪان اي وڻي ڪام اي ملي،
مون لاءِ ڏينهن، ڏينهن نه آ، شب ۾ شب نه آهه!

”محسن“ خوشي هجي نه هجي رهي، مگر تون خوش
چاهي پلا اِهو جي اِهو ٻي غضب نه آهي؟

---

* ”سالب“ لفظ جو ”ل“ ساڪن آهي ۽
مون متحرڪ آندو آهي جو ٺهي غلط آهي،
ليڪن هتي تنهنجي غلطي تي اصرار
آهي ١٢- (محسن)

☆

ترڪ — محبت، فيض — عزيمت،
بغض — عزيمت، لازم — ذلت.

وٿ آ مهانگي، وکر آ سستي،
مشڪل آهي دل جي تجارت.

ڏاهو ڦاسي، ڏايو ڦاسي،
عقل جو دشمن، فهم و فراست.

انهن جو اصول، منهن جو بندو،
ليڪن مون تي انهن جي حڪومت.

”محسن“ جي هر شعر کي سمجهو،
فڪر جي دعوت، دعوت — جدت.

☆

حسن نادان ٿي پيو آهي،
عشق آسان ٿي پيو آهي،

غم کي لوڏي ڪيون، مگر يارو!
دل جو مهمان ٿي پيو آهي.

عشق ڇاهي ۽ حسن ڇا آهي،
عقل حيران ٿي پيو آهي.

منهن جون مايوسيون ڏسي، دلبر،
خود پريشان ٿي پيو آهي

عشق مايوس، حسن افسرده،
ڇا، ڪو نقصان ٿي پيو آهي!؟

منهن جي نغمن کان ٿي ويو بيتاب،
مون کي ارمان ٿي پيو آهي.

منهن جو احسان ٿي نه اي "محسن"
مون لئه امڪان ٿي پيو آهي.

★

عشق ۾ ظاهري تباهي آهي،
پر اهو دراصل بادشاهي آهي،

ڪارزار حيات ۾ ڍولڻ
هر زن و مرد هڪ سپاهي آهي.

ها، اهو ڪو "گناهه" ڪٿ آهي؟
موت لئي الزام "بي گناهي" آهي.

حسرت و ياس جي لئي برڪت سان،
زندگي موت جي مهڙهين تباهي آهي،

دل ۾ هڪ ۽ زبان تي اي ٻو؟
ها، اها ئي ته روسياهي آهي؟

تون نباهين ٿو نه ڪنهن جي دل،
تو سان "محبت" جڳي نباهي آهي.

★

ٻي ڏک، ٻي خطر، مٺا سائين
ڇوٽ لئي ڇوٽ ڪر، مٺا سائين

ظلم ڪو ، اي ڦراغ ڪر ڇو ڇو
آهيان ٻي سهر ، مـــٺـــا سائين

ڪيئن اڪيلو طئه ڪري سگهندس
زندگيءَ جو سفر ، مٺا سائين ؟

ڪمزوره دل جي دانهن ۾ ڏايون،
آهـــ ڪيڏو اثر مٺا سائين !

اڄ ته جلد مٺهن مٽي ۾ ملائين
مولکي ڪهڙي عمر مٺا سائين

هيءَ هاڻ آهه لوڪي "محسن" جي ،
خوش ڪجهن عمر بسر ، مٺا سـائين!

★

صدق اڄ ناٽڪ ۾ لاهي دوستو!
حسن کي چيلنج آهي دوستو!

بچاءُ ن آهن اسانجي ٻوٽڪن ۾،
آشيانو ڪير ٿا ڍاهي دوستو!

ڏينهڙن جو ڪم ڪري ها ته به ٿيو،
ڪيترو ڪوڙ کي اها ڍاهي دوستو!

زندگي اميد تي ئي ٿي هلي،
ڇو وڃون اميد لاهي دوستو!

درد جي دولت سان مالا مال آهه
حضرت "محسن" کي چاهي دوستو!

★

★

موٽڪي چاهين اگر رکڻ آباد،
ڀڃڻي همت سان ڪري لوڀ وچ برباد

زندگي جو اصل سرشتو آهه
هڪ گهڙي شاد ٻي گهڙي ناشاد

گردش ـ صبح و شام ڏس و ٺو
انقلاب ـ حيات زنده باد

ڇاهي ڪهڙي نه ايت ڪل رهو هي
وقت ـ ماضي سدا رهي نه ياد

نال ٿ اللمان جو لون هيج شاگرد
ههمپور اي دوستا آه رقمه استاد

ڀهڻوي مقصد جي شعران ته "محسن"
آه مطلب، عوسسه سوزهساد،

★

☆

اي ڇوري دل ٻر ٻر آهي
ان جي ڌر سان ٿي ٿڙڪندڙ آهي

مولکي ٻهڪجو ٿي ڏسر ڏهي ته نهو
مولکي ڏر کمهن جي ڪر ڄڃو ڏسر آهي

ڪا تمنا ۽ ڪو فرض ڪونهي
حسرت و ياس جو قبر آهي

حسن سان تون ڪرين ٿو جڳ تسخير
منهن جي هٿ ۾ ته من قلم ! آهي

تون سمجهين ٿو ڪرين اڄ ڪالهه
پس اهو ئي وڏو ستم آهي

"ڪڏهن توکي اوکي ٿيو ٿا" "حسن"
ٿيو ٿا ئي ته ٿهڪندو ڪم آهي

☆

مون کي ته بي غرض محبت آهه
منهنجي لاءِ هءَ عبادت آهه

ڪوڙ آهي ته ناطا ڪان ٿئي انهن
مون کي ڪنهن ڪان نه ڪنهن نفرت آهه

مون ته ذڪر - وفا ڪيو آهي،
تون ته وسرهين ته هڪ شڪايت آهه

لوڪ نٿو مون تي اعتبار ڪرين
بس اها ئي وڏي مصيبت آهه

او سچ بس انهن ئي سمجهه ڪٿي
منهنجي عزت نه تنهنجي عزت آهه

انهنجو مرڪڻي ملوڪ نقش ن سان
هر لمحو هڪ سخاوت آهه

منهنجي غم جو نه ڪر تون غم پيولڙ
جو ته غم بي خدا جي نعمت آهه

منهنجي هر شعر ۾ خدا جو قسم
منهنجي دل جي سچي حقيقت آهه

انهنجو "مفلس" اکين نه هاڻي ٿي
تنهنجي منهنجي لئي دوست دولت آهه

☆

عشق ۽ آرام؟ لوڪان کي ٻڌم
هي خيال خام لوڪان کي ٻڌم

جنهن جي لذت لئي ٻيا آهي آهو
واعظا! اسلام لوڪان کي ٻڌم

عشق ئي هڪ دسم هي آهي هوس
عشق جو هي نام لوڪان کي ٻڌم

شڪر ٿو مجبوري جو نام آهه
اي دل - ناڪام لوڪان کي ٻڌم

حسن خود حسن خدا آهي مياڻ
حسن تي الزام لوڪان کي ٻڌم
عشق کي جز عشق ئي ڪهڙي خبر
خطرهٔ انجام لوڪان کي ٻڌم

هي اچڱر آهي ۽ "محسن" هي ترو
لمڪ ۽ بدنام لوڪان کي ٻڌم

☆

معشوق سان الفت ڪر ته آهه هالڪ ٿيڻ محبت ۾ ٿي
پوندي
تون ڪنهن جو محافظ ٿي ته سچ تنهنجي به حفاظت ٿي
پوندي
انسان اگر آهين ته محبت تنهنجو فرض گهرجي شعور
انسان کان نفرت ڪيئن ڪجهان انسان جي شڪايت ٿي
پوندي
هي تنهنجو تڪلف تنهنجو تصنع تنهنجو قسم مان سچ
ٿو چوان.
تولاءِ مصيبت ٿي پوندي تولاءِ ندامت ٿي پوندي
موکي به نٿي معلوم ته آخر ڪهڙي جرم جي آهي سزا
بي ڏوهه جدا ٿيندين ته مشاهدنام محبت ٿي پوندي
او مهجا متا! تون شاد هجين آباد هجين هر حالت ۾
مون لاءِ ته تنهنجي صدقي هر هڪ رنج ۾ راحت
ٿي پوندي
”محسن“ لڳي ٿي جون راهون ڪولي ٿو مٿا اسف
طعنو ٿي هاڻي ته انهن رنگ ۾ مهجو هر قدر ؟
قيمت ٿي پوندي

★

ليڪ ڏکن جي ٻانهان هڪار ۽ ڏينهن سکن جو ايندو
سائين
ڏينهن سکن جو ايندو ۽ موٽي نه ورڪي سو ويندو
سائين
جو نه سمجهي ڪا ڳالهه موٽندو ڏسو ڪيئن ڪڏهن ڪم ايندو
سائين
فرض ڪريو ايندو ته ڪٿي اهو ماڻهو سوڻي ايندو
سائين
ٻکڙي ٿجي پهچ ۾ او سائين وقت اڄ جو پيٽو ڀٽو
هو ڌيان ڏاڍيان ليڪ تي پهچو اهڙو نه ٻاور ليندو
سائين
ڪنهن کي ڪهڙي ضرورت آهي ڪنهن جي ڪم
۾ ڪنهن جو چاهي
جو نه ڪندو سو لهندو ۽ پڇڪو ۽ ڏيندو سو ڪي ڏيندو
سائين
هاءِ محبت! هاءِ جواني! هاءِ تمنا! هاءِ زمانو!
جڪو هن محبت ۾ ايندو ڏينهن کي ڏس ڏيندو
سائين
ڪهڙو سلامت ڪو ر هجي ۽ ڪهڙي جڳا ڀل اور هجي
آهه ليلو "محسن" ڪهڙو ياد نه ليالي ويندو
سائين

★

★

جن "قوت" کي چون ٿا مان توکي ان "هي"
چوان
ان کي بزعم خود ’چڱي بندگي‘
چوان
هوندي ڪٿي ان ۾ ڪا ڳجهي ڪن جي واسطي
چاهي خوشي؟ خوشي کي ڇو مان خوشي
چوان
شايد مٿا لغو ۽ ٿيڻي ۽ دروغ دوست!
توکي ٿي زندگي عجب اگر زندگي چوان
آهي مٺي نه ماٺ ٿا آهي مٺي نه ماٺ
زندگي ڇا جو وڏي مٺي يا مٺي چوان
ڏهي رهي ملڪ ڪي اهو ڪو ڪمال ناهي
انسان ٿي رهي نه ٿو انسان ٻي چوان
دنيا ۾ ناطو نڀائڻو ڪي آهي ٿا ٺيڪ آهي
ٿا ڪو نه سکڻو ناهه لو سڀ کي سچي چوان
"محسن" کي ڏس نه ڏنو ان عادت جو واعظ
مان زندگي کي خود اهو عبادت وڏي چوان

★

★

مطلع جو مضمون غزل در غزل
مقطع جو هڪ غزل بي بدل

اي واعظ! اجهاءِ چراغن کي نه ڇوا
چريا جي چريا لڳندو ڏاڍو ڀلـــل

نه کڻو آه ماتم ۽ فغان مان اڃو
ڏسون صبر جو هاڻي رد عمل

فقط هڪ نظر جي نوازش لڳي
پيو ڪڻن ڪهڙي سڄڻ ڳچ ڳچل

اسان کي نه آهي رنگ جو "رنگ"
رنگ کي " رنگ " ڳڻي آهي ٻدل

اي "محسن" اڃن کي سڙي خاڪ ٿي
مگر سوز دل جو نه ڪٽڻن سان نه ٽل

★

☆

مقابل ماڻھو جي آڏو نہ ان جي ڪڇي ھمو ۔

مگر مشڪل کي ھر حالت ۾ آساني بڻجي ھمو

پنهنجي مقصد ۾ حاصل ڪاميابي ڪرڻ لڳي ھر نا ھ
ٻمو ھي ڪين ثمو اختلاف لغ لڳڻو نہ لي ھمو ۔

ڪوشش ڪرڻ ثمر ناڪامي جي ھڪ ڪاميابي آھي ۔

رماني جاڳ ڪا ڏولا جهاں آھر ھڙ ھي ھمو ۔

جواني ساڻ آهي آھي تعشق عمر ھي را تمو ن
جواني وڃي نہ ھر ھڪ ڳالھہ ڪان ا روڪ ھڻي ھمو ۔

اي "سسن" ھر ڪوشش ڪرڻ ان مقرر حد ھڪ آھي ۔

اگر ان ڪان ٽپي ھمو نہ ھڪ آھي سڙڪ ھمو ۔

☆

★

ياد ڪيم، انهيءَ محبت بحال آهه

توکي وسارڻ مان — قسم سان، محال آهه

ها، حسن جو زوال تصور ڪريان ته ڪر،

باقي هي عشق؟ عشق ته پر! لازوال آهه،

ڇا ٿي پيو پيا جي عبادت ڪري ويا؟

جنهنکي اچڻ ڪپي، نه اچڻ ئي ڪمال آهه.

آهين تون خوش نصيب جو توکي ٿو چاهيان،

منهنجو ٿي جيا، مگر حسن گهٽڻ جو خيال آهه.

” محسن اهوئي آهه، ذڪرن جو هڪ نقم

جنهن کو جدا ڪان خمر جو گهرندو سوال آهه

★

★

تنهن جو سارو ڪم ئي آهي جفا، جو،
منهنجو اهو آهه، منهنجي وفا، جو،

نڪا حسن ۾ شوخي، شرارت، مروت،
سچ کي ڏيو داد حسن --- ادا، جو،

نماڻي نظر جا ڪرشمه جا چٽڻ،
عزيزو! تمسان نه قائل قضا، جو.

رهي گلدستي، زهي خوش اصيمي،
ڪريم جي دل آهه مسڪن خدا جو،

دلا! ڪر پلي گريه و آه و زاري،
سچ ڏي نه موڪل نه! تنهنجو دعا، جو.

اي ”محسن“ پلا زور جي ڪهڙي مهدي،
محبت جو ايندو آ سودو رضا جو

★

★

هڪ حسين لوخيز منهنجي دل ۾ داخل ٿي ويو،
عشق جي حدود دائين جو حسن قائل ٿي ويو.

اي حسين لوخيز! توهان جي حسن - عصمت جو قسم،
زندگيءَ جو لطف اڄ مونکي نه حاصل ٿي ويو.

حسن جون معصوم رعنايون، تقدس جي جهلڪ،
عشق جي دنيا ۾ آهي جا نه شامل ٿي ويو!

درد کي شدت ملي، شدت ۾ آيون لذتون،
هرسو! آءُ ان — حسن و عشق ڪامل ٿي ويو،

يا ط دهرائيندي تاريخ آهه، اڄ سالن ڪا ڏيوءِ،
حضرت - "محسن" ڪم - جانان موگهائل ٿي ويو

★

انصاف اهو ڪائي تون جوءِ بادشاهن کي بادشاه
ڪجي
انصاف اهو آهي ته مٺا! ويرانين کي آباد ڪجي
برباد نه ڪر، پر جيڪڏهين برباد ڪرڻ لوڻ چاهين تو
هٿ جو جگر پاڻي ٿي پوي اي دوست انهن برباد
ڪجي
اي دوست! تقاضا آهه محبت جي ته سکهو ويچار ڪري
ها، جور و جفا کي شرمائي، اهڙي ڪا وفا ايجاد
ڪجي
ڪجهه قرب ۽ آهين، ظلم نه ڪجهه، تون ته کهٽا جو لوڻ
نه کهٽيون،
يارن جو ستم کهڙو وسري، يارن جو ڪرم جا
ياد ڪجي.
"محسن" ته اهوئي آهه پرانو عشق جي مڪتب
مان سارو،
دل کي نه صفا برباد ڪجي، دل کي نه صفا آزاد
ڪجي

★

نظم

مونکي گوارا ڪونهي

اهڙي دنيا ۾ رهڻ مونکي گوارا ڪونهي —
جنهن ۾ انسان ئي انسان جي ڪري ٿو تذليل،
جنهن ۾ شيطان جي حڪمن جي ٿئي ٿي تعميل.
اهڙي دنيا ۾ رهڻ مونکي گوارا ڪونهي —
اهڙي دنيا، ۾ جتي حسن هجي بازاري،
اهڙي دنيا ۾ جتي عشق هجي واپاري،
اهڙي دنيا ۾ رهڻ مونکي گوارا ڪونهي،
جنهن ۾ انسان جي عظمت به نه آهي محفوظ
جنهن ۾ اي ڪاش شرافت به نه آهي محفوظ
اهڙي دنيا ۾ رهڻ مونکي گوارا ڪونهي —
اهڙي دنيا، اهڙي دنيا ۾ جتي صبح و شام،
اهڙي دنيا ۾ جتي حسن لٽي ٿو ظالم،
اهڙي دنيا ۾ رهڻ مونکي گوارا ڪونهي —
اهڙي دنيا جتي فنڪار هجن آواره
اهڙي دنيا جتي "محسن" ڪي هجن آواره
اهڙي دنيا ۾ رهڻ مونکي گوارا ڪونهي

☆

جتي گناهه ٿو پلجي

شباب، نور — هوس جو نالو ٻيو نه،
شباب دسعت — گناهه کان ڪڏهن بچي نه سگهي
شباب، هاءِ هي رنگين شباب جو چرچو،
شباب، عصمت — آدم جو هوش لئي نه سگهيو!!
جتي گناهه جي لاءِ وقف راتيون، آهن
جتي گناهه معاشي ضرورتن جو سبب،
گناهه گار جو عذر لئي نو استعمال،
گناهه ٻي ۽ گنهگار ٻي رکي ٿو رب،
جتي گناهه ٿو پلجي ٿئي د رحمت عظيم،
جو الي شرط آ، پاڻ جي ٻالا خاطر
جتي گناهن جو چرچو رهي ٿو صبح و شام
هوش آمديد اڙي بوالهوس! هوس ارور
الڏهن ٻي رحمت — حق جي اما دل ۾ آهه
هي امتحان آ، ٻهمش جو هاءِ اڙي بندهءِ،
تون ٻنهنجي "محسن" — اعظم کان ڇا طلب ٿو ڪرين
الوي ۽ طلب لاءِ ڪا هن ٿين لئي ڇا شرمنده؟

هڪ تصوير ڏسي

معصوم اکڙيون چهره تي رقص ڪن ٿيون ،

هي ڪيف زا تبسم هي انهيءَ بهار جهڙا .

ڪهڙي فريب ڏيندين او حور فريب انسان !

مڪر و فريب وارا ڀالا اڃا ڇو ڪهڙا ؟ !

حسن و شباب رکڻ جا تو ڪرين اڄ حاصل ؟

توکي نه ڀاڄ تي ٻسي ڪجهه رحم ڪين آيو ! !

ڪنهن وقت ، ” وقت “ توکي اهڙو ڏيکاريندو گهائي

جهڙي طرح تو آهي صدها دلين کي گهايو !

چوٽ

منهنجا جذبات حسن چوٽ تي ٽڙي اٿندا،
ڪو چوي ٿو ته لڪان، مان لڪي ٿو ويهان.
هي نه تسليم آ، فنڪار چون ٿا مولڪي،
تجربو آهه، بلا دير چڱي ٿو ويهان
چند بي ربط سٽون چند پريشان افڪار.
فڪر تي زور ڏئي، وقت وڃايان ويٺو
ٿي سگهي ٿو ته، ڪري حظ ڪو حاصل انسان.
ڪنهن جي ارشاد جي تعميل ۾ ڳايان ويٺو،
منهنجا جذبات حسن چوٽ تي ٽڙي اٿندا.
پر جو ڪجهه نه لکان سو نه پڙهي ڪو ويٺي.
هر ممڪن ٿو الهي ڪان ڏ ٿئي متاثر،
پر ڏسي ٿي هجي يا ڪو هجي پرديسي.
ڪو هجي چوٽ مٿان چوٽ ڪري "محسن" تي
منهنجا جذبات حسن چوٽ تي ٽڙي اٿندا.
منهنجا اشعار جماڪي ٿو ترانو بڻجي،
مرده دلين کي نئون روح اڀاري ويندا.
منهنجا جذبات حسن چوٽ تي ٽڙي اٿندا،
ڪو هجي، چوٽ مٿان چوٽ ڪري "محسن" تي

☆

اعتراف

ڀلا آهي، نه تون مفلس نه آهين،
ڀلا آهي نه، مان مسڪين آهيان،
غربت جو تون رت چوسي وڃين ٿو
مان ڀکڙي جون سان توکي ٿو ڏيان
الهيءَ هوندي به مان هر وقت هرش خوش
اِلهيءَ هوندي به تون هر وقت ملالان.
مان پنهنجي حال تي شاڪر رهان ٿو،
تون مستقبل جي فڪر ۾ پريشان.
محال آهي جو تنهنجي ڪرج گهٽجي
محال آهي جو مان گهرجون وڪايان
تون تنهنجي حرص جو ماتم ڪندو رهين،
مان اطمينان جا سهرا ٿو ڳائيان.
تنهن ڪري اب توکي ٿي مبارڪ
مگر ڏاڍي موڪلي ڏي معافي
ضرورت مان پنهنجي لاءِ "مسڪين" آ!
مولڪي اوهان جي آهي ڪافي،
ڀلا آهي نه تون مفلس نه آهين
ڀلا آهي، نه مان مسڪين آهيان.
غربت جو تون رت چوسي وڃين ٿو،
مان ڀکڙي جون سان توکي ٿو ڏيان.

رباعيون

لاچار، گنهگار، خدايا آهيان
بدڪار، سيهڪار، خدايا آهيان
حقدار پنهنجا مان نه آهيان ليڪن،
بخشش جو طلبگار، خدا آهيان،

ڏک سک ۾ ها وقت گذاريندا سين،
مجبور ٿي عمر سڀ کي نه ماريندا سين،
ٿورو يا گهڻو سو نه پاڻ پنهنجو آهي،
عمر جي هٿن ڏي نه لهاريندا سين

هر حال ۾ سڪون گهمت پڙا لهندو رهي
رو پاڻ، مگر پڇن کي ڪالا ڳڻندو رهي،
اهو سکو، نه مٺي تو نه اهو آهي دل،
ٿو ن پهنجا قدم اڳتي وڌائيندو رهي

صد حيف! فنڪار اڄ تون چاهين ٿو
ناظر ۽ نثار ٿيڻ چاهين ٿو ،
حيرت آهي اڳي ڪهڙي حال آهي جو
هن دور ۾ فنڪار اڄ چاهين ٿو

انسان کي انسان جي عزت ڪانهي ،
اک آهه ، مگر ان ۾ بصيرت ڪانهي ؟
بيسود ، محبت جي ڪريان ٿو ڳولا
هن دور ۾ ئي لوڪ محبت ڪانهي!؟

دنيا ۾ محبت ۽ مودت ڪاڏهين ؟
چئجو ته جهان ۾ حقيقت ڪاڏهين ! ؟
افسوس! شڪايت تو ڪران ٻاڏن هي ،
مولڪي ته عدو ڪان ۾ شڪايت ڪاڏهين .

☆

تنهنجي نه عنايت جو لائق ناهيان،
افسوس! پوءِ ڪي نه ٿو مان چاهيان،
هن ساري زماني ۾ خدا ٿو ڄاڻي؟
محسوس ڪريان ٿو ته اڪيلو آهيان؟

ڪاٿي نه ڏين، مونکي صورت ڏيندا؟
حقدار کي حق، حسب — ضرورت ڏيندا؟
ڪجهه وقت خوشيءَ ساڻ گذاريان مان پڻ،
احباب ڀلا مونکي اجازت ڏيندا!؟

اي دوست! اوهان کي نه خبر ڪي ناهي
ڪنهن جي نه دلجمعي سان اوهان جو ڇا آهي؛
"محسن" کي ڏسي خوب چئو ڪنهن عاشق
مرحوم اهڙو هو ڄمارو آهي.

مسلسل ٻہ حرڪتن جي وچ ۾ تون ويٺو آن،

وقت جي طريقي سان ڇڪي تون ويٺو آن،

جڏهن وقت کي ڏاهل ڪري اُو ڏولو،

ڪهڙو نہ ڪريان ضبط، ڪلي تون ويٺو آن

انسان جي تقدس جا آهيون قائل،

انسان جي تذليل ڏسون، سو مشڪل،

انسان جي تذليل ڪندڙ ۽ ڏسندڙ ٻئي،

اي ساٿ انسانيت جا ، ڪڏهن لڳندي دل

تو عشق کي بدنام ڪيو آهين تون ظالم!

تو حسن جي عظمت کي وڃائين تو ظالم!

ڪجهه سوچ، هوس ۾ نہ الجهين تون الڪو،

اي موت کي موت موڙين تو ظالـــم !!!

قطعا ☆

ڪير چو هر ته آهي، تو اين ڪالهه،
واه! سمجهڻو نه انهي جو اي ته سگهڻو!
هاه! فرزند حضرت آدم،
ابن آدم هتان بچي نه سگهڻو!!

«قال» ۾ اڄ ڪمال حاصل آهي،
«حال» ۾ هاڻ ڪنهن جو ناهي حال،
ماديت جي ڏسي فراواني،
جسم - روحانيت جو ٿي رهيو ڪال.

اڄ ڏٺي، اڄ ڏٺي، سچائي هيٺ،
هرطرف وارداتِ ڪشمڪش و خون،
هر انسان جو جڳ ته باقي آهي،
هر ورهاڱو وڃي ٿو روز افزون،

ڏينهن جو شمع مون جلائي آهي،
قافلي کي اڳين ڏي جاڳايان،
نوجوانن جي ئي سجاڳيءَ اندر،
مان ڏٺيءَ در تو دور ڀڄايان.

ڪنهن جو رقيب آهيان، ڪنهن جو حبيب آهيان.
مان بد نصيب آهيان، مان خوش نصيب آهيان
جو ڪجھ بہ لوڪن ڏيندس، سو لازوال ڏيندس
حالانڪ لوڪي سڃ آ، مفلس اديب آهيان

دنيا پيئي لڳي شڪستہ آهي،
زندگيءَ ۾ اڳين بہ ڏٺو آهي،
زندگي، زهر سمجهي آهي،
مفلسيءَ ۾ اڳين بہ ڏٺو آهي.

★

واعظ محترم! خدا کي مڃ،
چڱو پڇو جو ٿلو جو جهيڙو
هڪ طرف انهيءَ جو ضد، ٻئي پاسي،
توهم جو فرق ڏسو تئي پيڙو.

رقص جهڙو ڳهڻو گذاريو حالي!
پڇي ڳڪ مسڪ ته ساريو جاڳي!
لطف تنهنجو ڪم ياد ڪي رهندو،
ظلم هر هڪ وساريو حالـــي!

سڄڻ اداس جواني نه ڪوه راز نه آهي،
اي دوست! توکي مگر چهري اعتبار نه آهي.
ڪرم جو اي پاڻ رکندي جو ستم سمجهان،
جو دل نه آهي، مگر ڪوه دلدار نه آهي.

شڪست ۽ فتح جو جهتر هي سلسلو رهندو،
اميد ۽ ياس جو دنيا ۾ ولوار رهندو.
اي دوست! تنهن جي هنار آخرين نگاهه ڏسي،
جوالي آهه ته هوءِ ڪنهنکي حوصلو رهندو؟

ساٿيو! اول ته ڪي جذبا نوان پيدا ڪيو،
زندگيءَ جا پوءِ پل نقشا نوان پيدا ڪيو،
قيس ۽ فرهاد جا قصا پراڻا ٿي چڪا،
هاڻ ڪي نئين دور ۾ قصا نوان پيدا ڪيو.

دامر. ا الفت ڪٺي، ڪئي ڄاڻون ٿا،
حسن وارن کي خوب ڄاڻون ٿا.
پوءِ ته سڀ ڪجهه، لٽائي ونداسون،
هاڻي تو ڄمس ئمار ڄاڻون ٿا.

جگر پر درد ۽ ظاهر ۾ شادان،
اهائي زندگي آهي انسان جي.
لڪائيو زخم، دل ٿا، ورنه ٻارو
خوشي هرگز خوشي ناهي انسانجي

جسم مسرور، روح اشڪبار،
موت ته اڪثر انهن ڏٺو آهي.
جسم زنده ۽ روح پڻ مرده
يعني انسان آهه، ٻــر ناهي

ڪنهن مٿان ڏکن جي برسات جو اچڻ ڪم منهن موڙي
لڙهندڙي ٻهڪندڙ ڪڪرن ۾ منهن لڪائي ٿو وڃان
سر جهڪائي ٻچڙن سان ٻئي ڪير انسان لئه
شڪر ڪري آهي جو اڄ سڀ ڪجهه ڏئي ٿو وڃان

مون تي نه ڪر تون لطف و ڪرم پل سدا نه ڪر
مون کي تنهنجو ظلم و ستم ئي قبول آهه.
”اهي نگاهه“ - ”اسڪي او جاڳي“ اي جان - من!
”حسن“ نظر جو نه اهوئي اصول آهه.

نظر اداس، چهرو تي رقص - مايوسي،
اها نه منهن جي جوانيءَ جي ابتدا آهي.
ڪنهن جي ناهه ڪنهن ساڳ هون اٿي ٿي فزون
هي ”آرزو“ نه نه آهي الاجي ڇا آهي

منهن جي ڳالهه ڇڏي ڏي ساڻون
ڪهڙو نه آهي اڄڪون جهڙو ڪهوار؟
اي دل! ظالم ڪسي ڇا ڇڏيو؟
والسن والسڪر ويلسي دو.

عشق خود مختار، ضدي، هوڙهه ۽ اڻ موٽ آهي،
عشق کي نفعي جي ۽ نقصان جي ڪهڙي خبر؟
عشق خود طوفان آهي، زلزلو آهي وڏو،
عشق کي ڪهڙن زلزلن، طوفانن جي ڪهڙي خبر؟

آهي ڇوڪرو حسن جي ورد ۾،
عشق جا مولوي پڙهاءِ ۾ رکيا.
زندگي، زندگي لڳي هن ٿيندي،
مون سان محبوب ٺاهه ۾ رکيا

ڪري ٿي ياد ڪي لوڪي، ڪري ٿي اهي ٺٺا ٺٺهڻي،
محبوب! ڪامل نه ڪو دم آهه، دلڙي ۽ زبان مڃي ٿي
اچا ٿالھن نه هن ٿي ڪو اثر آڳ جيڪو تنهنجو ناهي،
اڄ جي رنگ لاڳندي ڪڏهن آهه وڙهڻ ميٺڻ جي.

★

هر ڪو شيءِ بعد ۾ اچي ڇو ٿو؟
جي اچي ٿو نه پوءِ وڃي ڇو ٿو؟
هو اچي، هي وڃي، اهو ڇاهي؟
زندگيءَ ۾ الم لئي ڇو لڙ؟

-ر همو باقي بهت سو يي ڪم لو ڪان لثار،
او سچ! هاڻي رهيو مولوت کو لڏ رالو نه آهه
صڏ. هستي اان مهتاڻي سکهي جدهن کي جهان
لدهن جي، ملهن جي ڪمق جو سو يار! افسالو نه آهه

هو صمر. اسب جي اي باڇ مون کان اون شرڙهي لڏ ۾
سس اڏين ڏهڏي ڪٽي جڙ ۾ جـو ڀڙو هو!
ڇو وڌو "مدسن" طرف "مدسن" جو ڏاڍ ۾ ڇو وڌ،
اڻ مسڪل لـي رڪمن ۾ ولو جڙو هو—.

ڪانءَ سان انس ۽ خارن سان دوستي منهن جي
جي سچ پڇو ته اها آهه دل کي منهن جي
اسان جي لاءِ سهارو غمن جو ٺيڪ آهي،
اي دوست! لوڪن کي پکي خدا خوشي ڏيندي

ستم شعار اهي يا جفا شعار اچي،
وفا جو ڪر ته وڏو امتحان يار اچي.
هي بيقرار رهي ڪهڙي در قرار وٺي
قرار ڪي ته ته سڪائي ڦٽ قرار اچي.

خط لکو جي يار کي ته وڃائي ڇڏيو اٿم،
ته ڪئي منهن جو يار کي ته ڀلائي ڇڏيو اٿم.
هر ڪنهنجي غم کي پنهنجو کي غم تو ڪري ڏسي
منهن جو اهو اصول بنائي ڇڏيو اٿم.

تو سان نيئي لوڙ، همت جو ڪري ويٺا سهون،
توکي ٻڌڻ ڪ، پڻ ڪان ٿي ٻري ويٺا سهون.
سنگدل ٻاڙ ٽي قادر ٿي ڳرائي ٿا لسي،
اهڙي ٻر درد وارا آه ٻري ويٺا سهون.

تو سان دوستي نه آهه، او ساٿين!
مولکي طالعه نه ناهه، او ساٿين!
دل تان لاهي ڇڏيم، لامڪو،
هضم ٿ، عشق آهه، او سائين!

ٻڌون جي مل ٻن جو احترام ڪيو،
حسن وارا ڪسي، سلام ڪيو.
ڪڇهه لپسر ۽ اشڪ دل ڪ ٻسا،
لڳون جي آمد جو انتظام ڪيو.

★

ٻان ڳرڻ لڳهيا ڪري دلبر مان روئي ٿو وڃان،
ٿوري ٿوري ڳالهه تي هر هر مان روئي ٿو وڃان
اڄ هتان سڀن کان، هيڪڙ آهيون جدا، ان حال تي
غم ۾ کيڏو ٻي ڪريان ٿو ڀر مان روئي ٿو وڃان.

گذري آهه، اڌ، اڌ رات باقي آ هلو وڃان.
اڃا هئڙهه شڪ ت. جڏ ٻاس باقي آ هلو وڃان.
سڄڻ اکين ۾ هُر جا کهترا ٻسادل اڳيا آهن،
ڪهو ڻ چهڪي اي ؟ ٻرساس باقي آ هلو وڃان.

ڪڇيو، مسرت هي آزاد لئه سکئي،
ڪير ٻي آٻو ڪا ٻلا و هو لئه سکئي.
ٻهڪي جو آرام - جاني ڦڏاٻون ڇو،
هش و [illegible] جڳڙو لئه سکئي.

دوشي ليکي چاھيو، ڪنھن ليکي چاھيو؟
ٻڌائو تہ ھيءَ ولڙي ليکي چاھيو؟
ڪو محتاج سمجھيو، ڪو محتاج سمجھيو
ھردي ڦڙي ھرڻ - ٻہ ھردي ليکي چاھيو؟

نادان آھيان مان سچ! اعتراف آھي،
نادان آھيان دوستو، مگر دل تہ صاف آھي!
جيئن جو سچ ۾ مٿان جو ڪوڙ لاءِ احتياج
ٻرڪي معاف آ تہ ٻولڪي ٻيءَ معاف آھي،

جھڙو مسرڪي دوستيءَ جو آھي،
دوستي مثل دشمنيءَ جو آھي،
ٻوڙ جو ڪم ڪو ٿھر ڀڪڙھ ڦاسي،
ھر اڪر آ تہ ولڪيءَ جو آھي!

★

اچو ته پردهء غربت کي تار تار ڪريون
وطن عزيز کي اي دوست! مالدار ڪريون
اچو ته داس ٿان جو ڪجهه اچي، نثار ڪريون،
وطن کي لائق صد فخر و افتخار ڪريون.

ڪم ڪرڻ جو نه ولولو آهي،
نه اجا همت حوصلو آهي.
ڪا گهڙي ڪمين نه ڪا گهڙي ڪمين آهي،
يعني انسان سودائو آهي

خادم آهي، مگر اهڙو نه آهي ڪماڪ
يعني هڪ دوست ٿي هڪ دوست کي برباد ڪري
او سچ! ان ۾ ڀلا ڇو هيءَ آهي ڪيڏو
جيڪڏهن درد جي شدت کان مون فرياد ڪيو

ذره ذره جان منهن جو اس آهي،
منهن جو تو ساط لي نہ پيار نہ آهي.
زندگي ورنہ ٿي پوي ها موت،
شڪر آهي جو پائدار نہ آهي.

موت، نا معلوم هڪ تڪليف آهي،
زندگي ظاهر ۾ هڪ جنجال آهي.
هوءَ نہ دنيا آهہ هڪ نعمت وڏي،
بس رڳو انسانيت جو ڪال آهي.

جيڪي دل ۾ آئي، ٻڌاءِ اي دوست!
دل کان ڪجهہ، ڪجهہ ڪي لڪاءِ اي دوست!
جي نباهڻ لئو اچي، نہ لهو،
ها، مڪر ڪر نہ واهہ واهہ اي دوست!

عشق کي ايترو ته خوار نه ڪر،
بوالهوس! حسن داغدار نه ڪر،
جي ڪرين ٿو، ته ان غرض کي ڪر،
ورنه هر وات "پيار پيار" نه ڪر.

تنهن جي معصوم تبسم کان اصدق جالي،
منهنجي مايوس جواني ٿي ڀڪاري لوڪي.
مان ته ڪافر ٿي چوان ٿو نه الهيءَ کي ٻڌائج
ڀڪو هڪوار ڏسي پوءِ وساري لوڪي!

لطف سمجهان، ڪرم، خطا سمجهان،
تنهن جي جور و جفا کي ڇا سمجهان!؟
بولکي "سالڪن" ڪري لکين لو خط،
هيءَ نه تنهن جي تو هڪ ادا سمجهان.

★

جوسڪائن ڌم پر دم آهي ۽ آهي رلد ڪئي،
لوسڪائن جو ڳجهن وارو ڏهو پورو ڪندس.
تنهن فانيءَ جي شڪايت ۽ گلا ڇا لئه ڪريان،
مان وفاداريءَ جو دامن ڪنڊڪي ميرو ڪندس
موکي ڪ آهي نه تنهنجي پاڪ الفت جي طفيل
ليت ڪڪري ڏينهن تنهنجي دل آڪيرو ڪندس

ڪنهن جو به ڪم اي دوست! اٿو مان سهي سگهان.
اي ڪاش! مشڪل تني جهان ۾ رهي سگهان.
لو رهڻي ڳسا لهه تني تون اکون پر جهو اهين،
اشڪن جو پڻ ڪڪڙي طرح سان لهي سگهان.
رسم و رواج جي ڪهڙ جو مخالف ۽ هن جو مان
مون ساڻ هو ۽ هن سان مان مشڪل تهي سگهان.

تنهن جي ارشاد جي تعميل ڪري ويندا سين،
جنهن جي هدايت جي تائيد ڪري ويندا سين.
تون ئي تسليم ڪنداسين، جو هو - صحيح آهي ها،
ساري دنيا کي ئي تبديل ڪري ويندا سين.
انس ۽ اخلاق جو قسم، وامق ۽ عذرا جو قسم،
حضرت. عشق جي تڪميل ڪري ويندا سين.

محبت ٻي ڪم تو سان مگر ان لئه نه او جاني!
نه مان بيجان تماشا ڏسڻ جو تون بيهوش تماشائي!
اي ساقي! ڪٿي هڪ جواني رنگ شان - محبت آهه،
نه گهر جي نه آواره، انهي گهر جي نه هرجائي.
محبت خوش نه لوکي کي مبارڪ، تون سدا خوش رهه،
جي مون لئه آهه، ڪڏهين نه بس الله ٻل آئي.

Soorih Mirani

ظاهري سهڻن کي چاهيون ٿا، مگر
اصل ۾ قادر جي قدرت ٿا ڏسون،
پنهنجي اکين کي ڪري اڄ بي نقاب
پارکن وٽ پنهنجي قيمت ٿا ڏسون.
ٿي وڃي شايد حسن کي اثر،
خواب اڄ ڪالهه خوبصورت ٿا ڏسون.

پنهن جي محبتن جو ڪريان ذڪر ڪنهن سان
حساس دل پر جسو ڪاوڙ ڏري هوي،
هرگز اچي نه ڪنهن جي ڳالهه ۾ فرق دوستت!
ڪوڙي مري ٿوي نه اڪوڻي ميري هوي.
ياد ش ٻڪير، عشق جي خوددارن جو شهر،
شايد اڳين کي حسن اسارت پري هوي

آرزو ڀلا ڪري نه ڄاڻان
چاهيان ٿو ڀلا ”ڪري نه ڄاڻان“

ڪيئن سان هر دم وفا ڪري نه ڄاڻان،
ڪوئي مون سان جفا ڪري نه ڄاڻان!

ناهي الهام ـ عشق جي ڪا ڳهر،
ها، مگر ابتدا ڪري نه ڄاڻان.

نالو : صاحب خان ميراڻي

ولد : بهادر علي

ادبي نالو : سورهه ميراڻي

جنم : 08.04.1975

جنم هنڌ : ڪوٽ ڪبڙو، تعلقو
رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

حال ائڊريس : غريب آباد محلو
نئون ديرو، تعلقو رتوديرو.

تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

اڻ ڇپيل ڪتاب

ڌرتيءَ جا رکوالا (ٻارن لاءِ ناول) 1990ع

ساڻ سهس گجن (شاعري) 2021ع

بره منجهارا بوند (شاعري) 2022ع

صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) اڻ مڪمل

موبائل نمبر : 0344 - 3919786

0300 - 3404488

اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سوره· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488